

# رياستي بحران جي حمام ۾ ڪير اُگهاڙو ناهي ؟

_ جامي چانڊيو

ملڪي بحران ڏينهون ڏينهن شديد ٿي رهيو آهي، خاص طور تي چيف جسٽس افتخار چوڌريءَ جي بحاليءَ، لال مسجد واقعي جي نتيجي ۾ سڄي ملڪ ۾ آپگهاتي حملن جي لهر، ابوظهبيءَ ۾ مشرف ۽ بينظير وچ ۾ ٿيل ملاقات ۽ سپريم ڪورٽ طرفان نواز شريف ۽ شهباز شريف جي واپسيءَ جي باضابطه قانوني اجازت کانپوءِ صورتحال نه رڳو وڌيڪ پيچيده پر نهايت دلچسپ موڙ تي اچي پهتي آهي. في الحال هن سموري صورتحال ۾ جنرل پرويز مشرف پهريون ڀيرو ڪنهن سنگين بحران ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿو. جيتوڻيڪ حالتون ايتريون منجهيل آهن جو ان بابت ڪابه اڳڪٿي نه ٿي ڪري سگهجي، البته مستقبل جي سياسي امڪانن تي گهرائيءَ سان نظر وجهي ان مان گهربل نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا. اچو ته اهڙن امڪانن تي ترتيب وار نظر وجهي ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪريون.



- جنرل پرويز مشرف جنهن آپيشاهيءَ سان گذريل اَٺن سالن کان پئي ملڪ هلايو آهي، اهو موجوده صورتحال ۾ پهريون ڀيرو سخت بحران ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿو. هڪ ته هو ملڪي ۽ عالمي سطح تي پنهنجي ساک مڪمل طور وڃائي چڪو آهي، هن جي ڳالهين تي هاڻي عوام کان وٺي سندس آقا بش تائين ڪنهن جو به مٿس ويساهه نه رهيو آهي، اهو ڪنهن به حڪمران لاءِ بدترين بحران هوندو آهي. ٻيو ته هو چيف جسٽس چوڌري افتخار جي بحاليءَ کانپوءِ آئيني طور به ڦاسي چڪو آهي. چوڌري افتخار جي ڪيس مان اهو مڪمل طور ثابت ٿي ويو ته مشرف ٻيو ته ٺهيو پر پيشه ورانه طور به اهل ماڻهو نه آهي. جنگ جو بنيادي اُصول آهي ته ڪڏهن به بنا تياريءَ جي ۽ ڪمزور حالت ۾ اڳرائي يا حملو نه ڪجي ۽ ڪڏهن به مخالف يا دشمن جي قوت کي گهٽ نه سمجهجي. جنرل مشرف چيف جسٽس ڪيس ۾ بلڪل ائين ئي ڪيو جنهن جا هو هاڻي نتيجا ڀوڳي رهيو آهي. مشرف هر حال ۾ صدر ۽ اهو بهورديءَ ۾ صدر رهڻ چاهي ٿو جنهن جا عملي طور امڪان گهٽ نظر اچن ٿا. بينظير ڀٽو سان ابو ظهبيءَ ۾ مشرف جي ملاقات ڪٽي بينظير ڀٽو جي موقعي پرستي هئي پر ساڳئي وقت اها جنرل مشرف جي به اخلاقي شڪست هئي، جو جنهن اڳواڻ لاءِ هن اٺن سالن کان اهو پئي چيو ته ان لاءِ هاڻي سياست جا در بند ٿي چڪا آهن، ان سان ملڻ ۽ ڪنهن ”ڊيل“ لاءِ ابوظهبي هليو ويو. ان ڪري ابوظهبي ملاقات رڳو بينظير کي ئي سياسي طور نه پر مشرف کي به اخلاقي طور سخت ڪمزور ڪيو آهي. مشرف جو مسئلو اهو آهي ته هڪ طرف هو پنهنجي ٺاهيل مسلم ليگ (ق) جي ناٽڪ کي هاڻي وڌيڪ جيئڻ جو تيئن هلائي نه ٿو سگهي ۽ ٻئي طرف پ پ پ يا مسلم ليگ (ن) کي فري هينڊ ڏئي نه ٿو سگهي، جو ڪيس انهن مان بهرحال خطرو محسوس ٿئي ٿو. 12 مئي کانپوءِ سندس پاليل تنظيم متحده ان قابل نه رهي آهي جو هن جي مدد لاءِ ڪو به اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي. ڇيو وڃي ٿو ته خود فوج اندر ڪجهه لابيون هن خلاف ڪم ڪري رهيون آهن. لال مسجد به ان ئي اندروني تڪرار جو نتيجو هو. خود آمريڪا جنهن جي ڇانوَ هيٺ هو گذريل اٺن سالن کان ملڪ کي يرغمال بڻايو ويٺو آهي، ان به آهستي آهستي اهڙا اشارا ڏيڻ شروع ڪيا آهن ته ڏٺي منجهائنس هٿ ڪڍي سگهن ٿا ۽ جي هن مان هٿ نه به ڪڍيائون تڏهن به سندس هٿ پير ٻڌل ضرور هوندا. مشرف آزاديءَ سان ملڪ تي اڪيلي سر راڄ ڪرڻ وارو دؤر گذاري چڪو آهي. آمريڪا جو بار بار اهو چوڻ ته ”هن ڀيري هو ملڪ ۾ شفاف چونڊن جي اميد ڪن ٿا“ جو عملي طور مطلب ڇا آهي؟ سفارتي ٻوليءَ جا لهجا ۽ آداب پنهنجا هوندا آهن ۽ ان بيان جو سڌو مطلب اهو آهي ته گذريل چونڊون شفاف نه هيون ۽ هن ڀيري ”شفاف“ چونڊن جو مطلب اهو آهي ته جنرل

مشرف کي ساڳيءَ طرح Freehand نہ هوندو. سيني کان دلچسپ ڳالهہ تہ مادي ڪُڪِڙ بہ ٻانگون ڏيڻ شروع ڪيون آهن. يعني پي ايم ايل (ق) جي ڪجهہ اڳواڻن بہ جنرل مشرف بابت پنهنجي تحفظات ظاهر ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي. جنرل مشرف پاڻ بہ بار بار شڪايت پئي ڪئي آهي تہ هو اڪيلو ٿي چڪو آهي ۽ ڪيس پي ايم ايل (ق) ڏکئي وقت ۾ اڪيلو ڇڏي ڏيندي آهي. هاڻي جڏهن جنرل مشرف سرڪاري مسلم ليگ جهڙي ڏمي ۽ ڪاغذي پارٽيءَ کان بہ مدد گهري ۽ شڪايتون ڪري تہ سمجهي سگهجي ٿو تہ سندس ”صورتحال“ ڇا آهي؟

▪ پ پ پ مشرف سان ”سياسي سهڪار“ جنهن کي عام طور ”ڊيل“ چيو پيو وڃي، مان مستقبل ۾ ڇا ٿي حاصل ڪري اهو تہ پوءِ ڏسبو پر هيستائين ان هن صورتحال مان رڳو وڃايو آهي. ان سڄي معاملي ۾ پارٽي اندروني طور بہ ورهايل نظر اچي ٿي. جيتوڻيڪ ليڊرشپ جي اڪثريت اقتدار جي لالچ ۽ موقعي پرستيءَ سبب ان جي حمايت ڪري ٿي پر پارٽيءَ جا ڪيترائي بااصول ڪارڪن ۽ اڳواڻ اهڙي ڊيل جي حق ۾ نہ آهن. پ پ پ مشرف سان اهڙي سياسي جوا پئي ڪيڏي جنهن ۾ اها سياسي طور رڳو وڃائيندي. ڪيس انڌو منڊو اقتدار تہ ملي سگهي ٿو پر اها اخلاقي ۽ سياسي طور پنهنجو الهہ تلهہ وڃائيندي. مثال طور فرض ڪريو ونجي تہ سندن ڊيل ڪامياب ٿي وڃي ٿي ۽ پ پ پ کي اقتدار ملي ٿو- تہ بہ سوال آهي تہ ڇا اهو سچ پچ بہ اقتدار هوندو؟ 1988ع ۾ پ پ پ جڏهن تہ هڪ انقلاب ذريعي چونڊجي آئي هئي پر ان باوجود ڪيس ڪيتري بااختيار حڪومت ملي هئي، اهو هاڻي ڪو راز نہ آهي (پڙهو روئداد خان جو ڪتاب: ”پاڪستان انقلاب ڪي دهاني پر!“) هينئر جڏهن اُها آمريڪا ۽ مشرف سان ڊيل ذريعي اقتدار ۾ ايندي تہ اهو اقتدار ڇا هوندو- ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ اهڙيءَ ريت نالي ماتر اقتدار وٺڻ سان اها دراصل ڪنهن جي مفادن لاءِ ڪم ڪندي؟ منهنجي خيال ۾ ان سوال جو جواب ايترو ڏکيو نہ آهي. ابوظهبيءَ جي ملاقات ڪانپوءِ هڪ نئين صورتحال اها سامهون آئي آهي جو مسلم ليگ(ق) اهو چوڻ شروع ڪيو آهي تہ اها مسلم ليگ (ن) سان تہ ڊيل جي حمايت ڪري سگهي ٿي پر ان لاءِ پ پ پ سان مشرف جي ڊيل هضم ڪرڻ ڏکي ٿيندي. تازو چوڌري شجاعت اهڙو واضح اشارو پڻ ڏنو آهي. بينظير ڀٽو واشنگٽن پوسٽ کي ڏنل انٽرويو ۾ پڻ واضح الزام هنيو آهي تہ سندن مشرف سان ڊيل ۾ سرڪاري ليگ جا چوڌري رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن. (پڙهو روزاني ڊان 26 آگسٽ 2007ع). سياسي طور بہ پ پ پ مڪمل طور اڪيلي ٿي چڪي آهي. اي آر ڊيءَ جو عملي طور ڪوبہ وجود ڏسڻ ۾ نٿو اچي. مخدوم امين فهيم بہ منظر تي نظر نہ پيو



اچي ۽ ملڪ جون ٻيون سموريون پارٽيون APDM جي پليٽ فارم تي گڏ ٿي ويون آهن. موجوده صورتحال ۾ پ پ پ سڄي ملڪ توڙي ميڊيا ۽ عوام ۾ سخت تنقيد هيٺ آهي پر پ پ پ قيادت پنهنجو دفاع ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام وئي آهي.

▪ مسلم ليگ (ن) گذريل ڪجهہ عرصي کان پنهنجي نسبتاً واضح موقف سبب عوام ۾ پنهنجي ساک بحال رکي آهي پر ان لاءِ بہ سياسي ميدان تي کيڏڻ ايترو سولو نہ آهي. جيتوڻيڪ سپريم ڪورٽ طرفان شريف ڀائرن جي واپسيءَ جي اجازت تي مسلم ليگ (ن) جي ڪارڪنن کي وڏو اُتساهہ مليو آهي ۽ ان فيصلي پڻ جنرل مشرف کي وڏيڪ ڪمزور ڪيو آهي پر ساڳئي وقت ان فيصلي شريف ڀائرن لاءِ پڻ امتحان جون گهڙيون آنديون آهن. اها ڳالهہ تہ هاڻي ثابت ٿيل آهي تہ شريف ڀائرن 1999ع ۾ 10 سال ملڪ کان ٻاهر رهڻ لاءِ سعودي سرڪار معرفت مشرف سان ”ڊيل“ ڪئي هئي ۽ سعودي سرڪار شريف ڀائرن کي پابند ڪري سگهي ٿي تہ اُهي واعدي يا معاهدي موجب 2009ع تائين پاڪستان واپس نہ اچن. هيستائين گذريل ڪجهہ عرصي کان پي ايم ايل (ن) کي جيڪا اخلاقي طور پ پ پ مٿان برتري هئي، ان جا هاڻي بنيادي لُڏي ويا آهن. ڇاڪاڻ تہ سندن ڊيل پڻ ثابت ٿي چڪي آهي ۽ ٻيو تہ ڏسجي تہ شريف ڀائر ۽ خاص طور نواز شريف واپس اچي ٿو يا نہ؟ ٻئي طرف نواز شريف جو ساڄي ڌر طرف گهڻو لاڙو پڻ سندس وڏي ڪمزوري آهي، جنهن ڪري پنجاب توڙي سڄي ملڪ ۾ سيڪيولر ۽ روشن خيال ڌريون ڪانئس پري نظر اچن ٿيون. ٽيون اهم فيڪٽر تہ جتي پ پ پ جي مشرف سان ڊيل جا چوٻول عام آهن اُتي اُهي ڳالهيون بہ هُلي رهيون آهن تہ جيڪا لابي فوج اندر مشرف خلاف آهي، اُها اندر ئي اندر نوازشريف کي Space ڏئي رهي آهي، جنهن ۾ چوڌري نثار جهڙا ماڻهو اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. يعني نظر اهو پيو اچي تہ ٻئي ڌريون نظر ايندڙ ۽ نظر نہ ايندڙ ڊيل ۾ رڌل آهن. هڪ جي مشرف سان پئي ٿئي تہ ٻي جي فوج اندر مشرف مخالف لابيءَ سان. ان ڪري پنجاب جا سيڪيولر دانشور وري بہ بينظير- مشرف ڊيل جي حق ۾ آهن، ڇاڪاڻ تہ ٻي صورت ۾ هو ملڪ مٿان ساڄيءَ ڌر جو مڪمل غلبو ٿيندي ڏسي رهيا آهن. مجموعي طور حالتون مسلم ليگ (ن) کي مجبور ڪنديون ۽ ڪري رهيون آهن تہ اُها پڻ واضح ٿي ميدان تي اچي. مسلم ليگ هن وقت هڪ بہ واٽي تي بيٺل آهي. اها هن صورتحال ۾ وڌيڪ مضبوط بہ ٿي سگهي ٿي ۽ بنهہ وڏو سياسي نقصان بہ کائي سگهي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ نواز شريف مشرف دوُر جي تجربي مان گهڻو ڪجهہ سکيو آهي. دراصل اهو وقت اچي پهتو آهي جتي ڪيس ثابت ڪرڻو آهي تہ هن ڇا سکيو آهي؟ ۽ پاڻ کي ڪيترو تبديل ڪيو آهي؟

■ جنرل مشرف جي جھوليءَ ۾ جتي بي شمار ناڪاميون آھن اُتي ھڪ ڪاميابيءَ کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگھندو تہ ھن مخالف ڌر کي نہ رڳو مسلسل جمھوري جدوجھد کان پري رکيو آھي پر ان کي مڪمل طور ورھائي پڻ ڇڏيو آھي. ھي ملڪ ۾ آمريت جو واحد اھڙو دؤر آھي جتي مخالف ڌر نہ تہ جدوجھد جي حوالي سان گڏُ پيچي ٻيٽو ڪيو آھي ۽ نہ وري اھا متحده رھي ڪو ڪردار ادا ڪري سگھي آھي. اھا حقيقت آھي تہ مشرف "لٺ ۽ چَٽ" ڏيکاري ۽ لکنوي ترڪتال ڪري مخالف ڌر کي ورھائڻ ۾ ان جو "ڏنگ" ڪيڻ ۾ ضرور ڪامياب ويو آھي. اي آر ڊي عملي طور ختم ٿي چڪو آھي، APDM غير فطري اتحاد نظر ٿو اچي، ان ڪري اھو چونڊن جي ماحول جڙڻ شرط عملي طور رَئي ٿي ويندو. پونم جو ھوئڻ بہ ڪو اثرائتو ڪردار نہ آھي. جڏھن تہ ايم ايم اي عملي طور ورھايل آھي ۽ نظر اھو پيو اچي تہ ايندڙ چونڊن ۾ اھو اتحاد شايد وڏيڪ جتاءُ نہ ڪري سگھي. موجوده صورتحال ۾ اھو واحد اھڙو فيڪٽر آھي، جيڪو مشرف جي حق ۾ وڃي ٿو.

مٿين فيڪٽرس جي روشنيءَ ۾ ايندڙ وقت ۾ بہ منظرناما جڙندي نظر اچن ٿا، جن جي امڪاني سياسي شڪل ھن ريت ٿي سگھي ٿي:

(1) جيڪڏھن جنرل مشرف ھن بحران ۾ Survive ڪري ويو يا ڪيس بچايو ويو تہ پوءِ مستقبل ۾ ھڪ اھڙي حڪومت نظر اچي ٿي جنھن ۾ جنرل مشرف بغير ورديءَ جي صدر ھوندو ۽ ملڪ ۾ پ پ پ، پ ايم ايل (ق)، متحده ۽ JUI جي گڏيل حڪومت سامھون اچڻ جا امڪان آھن.

(2) ۽ جيڪڏھن جنرل مشرف کي ھن بحران جي نتيجي ۾ ڪنھن بہ طرح ھٽايو ويو تہ ملڪ ۾ ھڪ اھڙو منظرنامو نظر اچي ٿو جنھن ۾ اسٽيبلشمينٽ پنھنجو ڪو ساڄيءَ ڌر جو وچٽرو ماڻھو صدر طور آڻيندي ۽ حڪومت نواز ليگ، مسلم ليگ (ق) جي ڪجھ حصي ۽ جماعت اسلاميءَ جي ٺھي سگھي ٿي. آمريڪا ٻنھي صورتن ۾ راضي ھوندي، ڇاڪاڻ تہ ان جي "مخصوص مفاد" کان انحرافي انھن ٻنھي ڌرين مان ڪوبہ نہ ڪندو.

مان اڳ بہ بار بار اھو لکندو ۽ چوندو رھيو آھيان تہ ملڪ جي موجوده گھڻ طرفي بحران کي مشرف يا حڪومت جو بحران سمجھڻ سياسي طور بي سمجھي ھوندي. ھي دراصل رياست جو بحران آھي، جيڪو ٻنھي صورتن ۾ ماٺو نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ بحران جي اصل محرڪن کي ايڊريس ڪرڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ آھي. مستقبل جي اقتدار ۽ حڪومت جون ٻئي شڪليون Status-Quo جي سڪي جا بہ پاسا آھن پر سڪو اھو



ساڳيو آھي ۽ دلچسپ ڳالھہ تہ اھو کوٽو سڪو ھن بحران ۾ عوام کي ڪوبہ رليف نہ ڏيندو. ان ڪري جيڪي ڌريون Status-Quo جي سياست ۾ دلچسپي نہ ٿيون رکن ۽ انھن کي پنھنجن ڏکھن مفادن ۽ بنيادي محرڪن لاءِ ڪم ڪرڻو آھي، اھي پنھنجي پنھنجي "تياري" ڪن، ڇاڪاڻ تہ اسٽيٽسڪو جي دائري اندر ھيءَ اقتداري سياست ملڪ جي مظلوم قومن ۽ عوام کي سواءِ وڏيڪ غلاميءَ، غربت ۽ پستيءَ جي ٻيو ڪجھ بہ نہ ڏيندي.